# حِرص جا نقصان ۽ قَناعَت
# جون بَرڪتون

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# حِرص (لالچ) جا نقصانات ۽ قَناعت جون برَڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف
(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن ملندا آهن ۽ مصافحو ڪندا آهن ۽ نبي (صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي دُرودِ پاڪ موڪلين تہ انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهرين ٻنهي جا گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن. مسند ابی یعلیٰ ، ۹۵/۳،حدیث:۲۹۵۱

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفور     بَخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيتون ڪري وٺون ٿا.



www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدي الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذۡكُرُوا الله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ

"ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي



www.dawateislami.net

نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:
بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً (بخاري، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بني اسرائيل،2/ 462، حديث: 3461) يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ڪرڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حِرص جون تباهه ڪاريون

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينه جي مطبوعه ”عُيونُ الحڪايات“ جلد نمبر 2 جي صفحي نمبر 396 تي حضرتِ سَيِّدُنا عبدُ الرَّحمٰن بن علي جوزي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن هڪ دِلچَسْپ ۽ سَبَق آموز حڪايت نَقُل ڪئي آهي ته ڪنهن گهر ۾ هڪ عجيب و غريب نانگ رهندو هو جيڪو روزانو سَون جو هڪ آنو (بيضو) ڏيندو هو. گهر جو مالڪ مُفت جي دَولت ملڻ تي تمام خُوش هو. هن شخص جي گهروارن کي تاڪيد ڪيل هئي ته هي ڳالهه ڪنهن کي نه ٻڌائين. ڪيئي مهينن تائين هي سِلْسِلو ائين ئي هلندو رهيو. هڪ ڏينهن نانگ پنهنجي بِرُ (سُوراخ) مان نِڪتو ۽ سندس ٻَڪري کي ڏنگي ڇڏيو. اُن جو زَهْرُ اهڙو خطرناڪ هو جو ڏسندي ئي ڏسندي ٻَڪري جي مَوْت واقع


www.dawateislami.net

تي وئي. هي ڏسي ڪري سندس گهروارا گهبرائجي ويا پر اُن شخص هي چئي ڪري اُنهن کي تسلّي ڏني تہ اسان کي نانگ کان ملڻ وارو نفعو، ٻڪري جي قيمت کان وڏيڪ آهي تنهنڪري پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ نانگ سندس پَالتو گڏهہ کي ڏنگي ورتو جيڪو يڪدم مَري ويو. هاڻي تہ اهو شخص بہ گهبرائجي ويو پر لالچ وچان اُن فورًا خُود تي قابو ڪيو ۽ چوڻ لڳو: آئون ڏسي رهيو آهيان تہ هي نانگ اسان کي مُسلسل نُقصان پهچائي رهيو آهي پر جيستائين هي نُقصان جانورن تائين مَحْدُود آهي، آئون صبر ڪندس، اِن کان بعد نہ. پوءِ ٻن (2) سالن جو عرصو گُذري ويو پر نانگ ڪنهن کي بہ نہ ڏنگيو، گهروارن بہ پنهنجي جانورن جي نُقْصان کي وساري ڇڏيو. پوءِ هڪ ڏينهن نانگ سندس غُلام کي ڏنگيو. اُن ويچاري مَدَد جي لاءِ پنهنجي مالڪ کي سَڏيو پر اِن کان پهرين جو مالڪ اُن تائين پهچي ها، زَهْر جي سبب غُلام جو جسم ڦاٽي چڪو هو. هاڻي اهو شخص پريشان ٿي ڪري چوڻ لڳو: ان نانگ جو زهر تہ تمام خطرناڪ آهي، ان جنهن جنهن کي ڏنگيو اهو يڪدم مَوْت جو شڪار ٿي ويو، هاڻي ڪٿي منهنجي گهروارن مان ڪنهن کي نہ ڏنگي وٺي. ڪيترائي ڏينهن انهي پريشاني ۾ گُذري ويا تہ اِن نانگ جو ڇا ڪيو وڃي؟ دَولت جي حَرص هڪ ڀيري ٻيهر اُن شخص جي اکين تي پَٽي ٻَڌي ڇڏي ۽ هن شخص اهو چئي ڪري پنهنجي گهروارن کي مُطمَئِن ڪري ڇڏيو تہ جيڪڏهن اُن نانگ جي سبب اسان کي نُقْصان ٿي رهيو آهي پر سون جا آنا (بيضا) بہ تہ ملي رهيا آهن تنهنڪري اسان کي وڏيڪ پريشان نہ ٿيڻ گهرجي. ڪجهہ ڏينهن کان بعد نانگ سندس پُٽ کي بہ ڏنگي ڇڏيو. يڪدم تِرْياق (يعني زهر جو اثر ختم ڪرڻ واري دَوا) جو اِنتِظام ڪيو ويو پر اُن جو ڪجهہ فائدو نہ ٿيو ۽ اُن نينگر



www.dawateislami.net

جي مَوْت واقع ٿي وئي. جَوان پُٽ جي مَوت ماءُ پيءُ تي مصيبت بڻجي آئي، ۽ هاڻي اهي ٻئي غُصّي وچان چوڻ لڳا: هاڻي ان نانگ ۾ ڪا بہ ڀلائي ناهي، بهتر هي آهي تہ اِن ايذائيندڙ کي يڪدم قتل ڪيو وڃي. نانگ جڏهن انهن جون ڳالهيون ٻُڌيون تہ ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ غائب ٿي ويو، اِهڙي طرح اُنهن کي سَون جو آنو بہ نہ مِلي سگهيو. جڏهن ڪافي عرصو گذري ويو تہ سَون جو آنو (بيضو) نہ ملڻ جي سبب هن شخص جي لالچي طبيعت ۾ بي چيني ٿيڻ لڳي اهڙي طرح اهي ٻئي زال مڙس نانگ جي ٻِرُ جي ويجهو آيا ۽ دونهين دُکائي ڪري چڻ تہ انهن نانگ کي صُلح جو پيغام ڏنو. حَيرت انگيز طور تي اهو نانگ واپس اچي ويو ۽ اُنهن کي ٻيهر سَون جو آنو (بيضو) ملڻ لڳو. مال ۽ دَولت جي حرْص انڌو ڪري ڇڏيو هو ۽ اهي پنهنجي پُٽ ۽ غُلام جي مَوت کي بہ وساري ويٺا. پوءِ هڪ ڏينهن نانگ سندس گهرواريءَ کي سمهندي ڏنگي ورتو، عورت رڙيون ڪيون تہ مڙس يڪدم تِرْياق جي ذريعي اُن جو عِلاج ڪرڻ چاهيو پر ٿوري ئي دير ۾ اُن جي گهرواريءَ بہ تڙپي تڙپي ڪري جان ڏني. هاڻي اهو لالچي شخص اڪيلو ٿيو تہ اُن نانگ واري ڳالهہ پنهنجي پاڙيسرين ۽ دوستن کي ٻڌائي ڇڏي. سڀني اهو مشوَرو ڏنو تہ تو وڏي غَلَطي ڪئي، اجا بہ وقت آهي سُڌري وڃ ۽ جيترو جلدي ٿي سگهي اُن خطرناڪ نانگ کي ماري ڇڏ. بهرحال گهر اچي ڪري اهو شخص نانگ کي مارڻ جي تَڪ ۾ ويهي رهيو. هڪدم اُن کي نانگ جي ٻِرُ جي ويجهو هڪ قيمتي موتي نظر آيو جنهن کي ڏسي ڪري اُن جي لالچي طبيعت خُوش ٿي وئي. دَولت جي هَوَس سندس سڀ ڪجهہ وِسرائي ڇڏيو هو، اهو چوڻ لڳو: وقت طبيعتن کي بدلائي ڇڏيندو آهي، يقينًا ان نانگ جي طبيعت بہ بدلجي وئي هوندي جو هي سَون جي آنن (بيضن) جي بجائي هاڻي



www.dawateislami.net

موتي ڏيڻ لڳو آهي، اِهڙي طرح سندس زَهْر بہ ختم ٿي ويو هوندو تنهنڪري هاٿي مون کي اِن ڪان ڪوبہ خطرو ناهي. اهو سوچي ڪري اُن نانگ کي مارڻ جو اِرادو منسوخ ڪري ڇڏيو. روزانو هڪ قيمتي موتي ملڻ تي اهو لالچي شخص تمام خُوش رهڻ لڳو ۽ نانگ جي پُراڻي ڏوکي بازي وساري وينو. هڪ ڏينهن هن شخص سمورو سَون ۽ موتي هڪ ٿانءُ ۾ وجهي ڪري دَفنائي ڇڏيو ۽ اُن جڳھ تي مٿو رکي ڪري سمهي پيو. اُن رات نانگ اُن کي بہ ڏنگي ڇڏيو. جڏهن اُن جون رڙيون بلند ٿيون تہ اُن جي پاڙيسرين، رِشتيدارن ۽ دوست اَحْبابن ڀڄي ڀڄي ڪري اُتي پهتا ۽ اُن جي حالت ڏسي ڪري چوڻ لڳا: تو اِن نانگ کي مارڻ ۾ سُستي ڪئي ۽ لالچ ۾ اچي ڪري پنهنجي جان داءُ تي لڳائي ڇڏي. لالچي شخص شرم وچان ڪجھ نہ چئي سگهيو، سَون مان ڀريل ٿانءُ ڪڍي ڪري اُنهن جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن کي ڏسي ڪري اهي سڀ چوڻ لڳا، هاٿي هي مال تنهنجي ڪنهن ڪم جو ناهي هاٿي هي تہ ٻين جو ٿي ويندو، بس پوءِ ڪجھ ئي دير ۾ اُن جو انتقال ٿي ويو. (عيون الحكايات،الحكاية الثامنة بعد الخمسمائة،ص۴۳۹،ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو تہ مال ۽ دَولت جي حرْص خوشحال گهراڻي کي برباد ڪري ڇڏيو. يقينًا حَرِيص جي نِگاھ مَحدود هوندي آهي جيڪو صِرْف وقتي فائدو ڏسندي آهي جنهن جي سبب هُو دُرُست فيصلي ڪرڻ ۾ ناڪام رهندو آهي ۽ نُقْصان ڀهچندو آهي. بيان ڪيل حڪايت ۾ گھر جي سربراھ کي سنيرڻ جا ڪيترائي مَوقعا مليا. اهو هن طرح تہ جڏهن ڀهرين گڏھ ۽ غُلام کي نانگ شڪار ڪيو هو تہ هي اُن جي لاءِ خطري جي گهنٽي هئي تہ



www.dawateislami.net

اهو شخص هوشيار  ٿي وڃي ۽ آئنده حِرص کان هميشه جي لاءِ علحيدگي اِختيار ڪندي آئنده اهڙن دَرْدناڪ واقعن جي روڪٿام جو اِنتظام ڪري پر افسوس! اُن  هن واقعي کان عبرت حاصِل ڪرڻ جي بجائي نظر انداز ڪيو ڇو جو اُن بدنصيب تي ته سَون جو آنو (بيضو) ملڻ جي حِرْص جو نشو چڙهيل هو تنهنڪري نانگ ان تي بَس نه ڪيو بلڪ حَرِيص جي غفلت جو پرپور فائدو وٺندي ان شخص جي پُٽ ۽ سندس ٻارن جي ماءُ (گھرواريءَ) کي به مَوْت جو شڪار ڪري ڇڏيو. پائرن ۽ دوستن جي نصيحت جي باوُجود حِرْص جي سبب کان هو شخص اُن نانگ کي نه ماري سگهيو جنهن جي نتيجي ۾ اهو خُود به مَوْت جي مُنهن ۾ وڃي پهتو.

ديکھے ہيں يہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت        سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!        صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

قرآنِ ڪريم ۾ سيپاري 5 سُوْرَةُ النِّسَآء جي آيت نمبر 128 ۾ حِرْص جو ذِڪر اِن اَلفاظن سان ڪيو ويو آهي:

وَ اُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ        تَرجمو ڪنزالايمان: ۽ دليون لالچ جي قَيد ۾ آهن.

تفسير ِخازِن ۾ اِن آيتِ مُبارَڪ جي تَحت آهي: لالچ دل جو لازِمي حِصَّو آهي ڇو جو هي اِنهي طرح بڻايو ويو آهي. (تفسيرِ خازن،پ۵،النسآء،تحت الآية: ۴۳۷/۱،۱۲۸)

## حِرْص ڪنهن به شيءِ جو ٿي سگهي ٿو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور تي هي سمجهيو ويندو آهي ته حِرص جو تَعَلُّق صِرْف مال ۽ دَولت سان هوندو آهي جڏهن ته ائين ناهي ڇو جو حِرص



www.dawateislami.net

تہ ڪنهن بہ شيء جي مزيد خَواهش ڪرڻ جو نالو آهي چاهي اها شيء مال هجي يا ڪا ٻي ،جيئن تہ شيخُ الحديث حضرتِ علّامه عبدُالمُصطَفيٰ اَعْظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: لالچ ۽ حرْص جو جذبو خوراڪ ،لباس، مڪان، سامان، دَولت، عزّت، شهرت الغرض هر نعمت ۾ هوندي آهي. (جنتي زيور ،ص١١١) جيئن تہ مزيد مال جي خَواهش رکڻ واري کي”مال جو حَرِيص“ چيو ويندو تہ مزيد کائڻ جي خَواهش رکڻ واري کي ”کاڌي جو حَرِيص“ چيو ويندو اهڙي طرح نيڪين ۾ اِضافي جي تَمَنَّائي (خواهشمند) کي ”نيڪين جو حَرِيص“ جڏهن تہ گُناهن جو ٻُوجهہ وڌائڻ واري کي”گُناهن جو حَرِيص“ چيو ويندو.

## حرص ڇا کي چئبو آهي؟

مُفَسّرِ شَهِير، حڪيمُ الْاُمَّت مُفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشاد فرمائن ٿا: دَرازيِ عُمر (يعني وڏي عُمْر) جي آرزوءِ اَمَل (يعني خواهش) آهي ۽ ڪنهن شيء کان سَير نہ ٿيڻ، هميشہ زِيادَتي جي خواهش ڪرڻ کي حرص (چئبو آهي). اهي ٻئي شيون جيڪڏهن دُنيا جي لاءِ آهن تہ بُريون آهن (۽) جيڪڏهن آخرت جي لاءِ آهن تہ بهتر، اِن لاءِ دَراز (يعني وڏي) عُمر چاهڻ جو الله (عَزَّوَجَلَّ) جي عبادت وڌ کان وڌ ڪري سگهان، بهتر آهي. (مرآة المناجيح،٧/٨٦) معلوم ٿيو تہ حرص جي چڱي ۽ بُري هئڻ جو دارومَدار انهي شيء تي آهي تہ جنهن جي حُصول جي حِرص مطلوب آهي. جيڪڏهن تہ اُن جو تَعَلُّق اطاعت (فرمانبرداري) ۽ عبادات سان هجي تہ اهڙي حرص هرگز مذموم (بُري) ناهي گڏوگڏ هي بہ معلوم ٿيو تہ هي مال ۽ دَولت سان گڏ خاص ناهي بلڪ اِن جي نُحوست ڪيترن ئي معاملن ۾ اثرانداز ٿي سگهي ٿي. حَرِيص انسان اِنتِهائي قابلِ رَحم هوندو آهي ڇو جو اُن تي هر وقت پنهنجي حرص کي پوري ڪرڻ جو



www.dawateislami.net

يُوت سُوار رهندو آهي ۽ پوءِ اڳيان هلي ڪري هي مُوذِي مرض ان کي غُلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيندو آهي ۽ تمام گهڻو خوار ڪرائيندو آهي، جيئن ته

حضرتِ سَيِدُنا فُضَيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته حرص هي آهي ته انسان ڪڏهن هن شيءِ جي، ڪڏهن هُن شيءِ جي طَلَب ۾ رهندو آهي ايتري تائين جو هو چاهيندو آهي ته سڀ ڪجهه ملي وڃي ۽ اِن مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ اُن جو واسطو مختلف ماڻهن سان پوندو آهي. جڏهن هو هن جي ضرورتون پوريون ڪندا ته (هاڻي اهي پنهنجي مَرضِي جي مُطَابِق) اُن جي نڪ ۾ ناڪيلي (رسي) وجهي ڪري جيڏانهن چاهيندا وٺي ويندا آهن، هو اُنهن ڪان پنهنجي عزّت چاهيندو آهي ايستائين جو حَرِيص خوار ٿي ويندو آهي ۽ ان کي مَحَبَّتِ دُنيا جي سبب جڏهن بہ هو اُن جي سامهون ڪان گُذرندو ته اُنهن کي سلام ڪندو آهي ۽ جڏهن اهي بيمار ٿيندا آهن ته عِيادت ڪندو آهي پر اُن جا هي سڀ ڪمَ خُدا جي رِضا جي لاءِ ناهي هوندا.

(مكاشفة القلوب،الباب الثالث و الثلاثون،فى فضل القناعة،ص۱۲۴ بتغير قليل)

اچو تہ! حِرص جي آفتن جي متعلق ٿي (3) رِوايتون ٻڌون ۽ نصيحت جا مدني گُل چونديون. جيئن تہ

## حرص جي مُتَعَلق ٿي (3) فَرامينِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1. ماڻهو چوندا آهن يا توهان مان ڪو چوڻ وارو چوندو آهي تہ لالچي انسان ظالم ڪان وڌيڪ ڏوڪي باز هوندو آهي جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو لالچ ڪان وڏو ظلم ڪهڙو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان ڳالهه تي پنهنجي عزّت، عظمت ۽ جلال جو قسم بيان فرمائي ٿو تہ جنّت ۾ ڪوئي لالچي



www.dawateislami.net

يا بَخيل (ڪنجوس) شخص داخل نہ ٿيندو.

(ڪنزالعمال،ڪتاب الاخلاق،الفصل الاول،حرف الباء، البخل من الاكمال،الجزء:۳،۲/ ۱۸۲،حديث:۷۴۰۴)

2. لالچ کان بچندا رهو ڇو جو توهان کان پهريان جي قومن کي لالچ ئي هلاڪت ۾ وڌو، لالچ ئي اُنهن کي ڪُوڙ تي اُڀاريو تہ اهي ڪُوڙ ڳالهائڻ لڳا، ظلم تي اُڀاريو تہ اُهي ظلم ڪرڻ لڳا ۽ قَطع رَحمي (رشتا ٽوڙڻ) جو خيال ڏياريو تہ قَطع رَحمي (رشتا ٽوڙڻ) لڳا.

(ڪنزالعمال،ڪتاب الاخلاق، الفصل الاول ،حرف الباء، البخل من الاكمال،الجزء:۳،۲/ ۱۸۲،حديث:۷۴۰۲)

3. بہ بُکايل بگهڙ جن کي ٻڪرين ۾ ڇڏيو وڃي اهي ايترو نقصان ناهن پهچائيندا جيترو مال ۽ دولت جو حرص ۽ حبِّ جَاهِ (يعني عزت ۽ شهرت جي محبت) انسان جي دين کي نقصان پهچائيندي آهي.“

(ترمذی،کتاب الزهد،باب ـ ت:۴۳ ، ۴/ ۱۶٦، حديث:۲۳۸۳)

مُفَسِّرِ شَهِير، حڪيمُ الاُمَّت مُفتي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان حديثِ پاڪ جي تَحت فرمائن ٿا: نِهايت نفيس تَشبِيہ (عمده مشابهت) آهي. مقصد هي آهي تہ مؤمن جو دِين ڄڻ تہ ٻڪري آهي ۽ اُن جي لاءِ مال جو حرصِ (۽) عزّت جو حرص ڄڻ تہ بہ بکايل بگهڙ آهن پر هي ٻئي بگهڙ مؤمن جي دِين کي اِن کان وڌيڪ بَرباد ڪندا آهن جيئن ظاهري طور بُکايل بگهڙ ٻڪرين کي تباهہ (برباد) ڪندا آهن، جو انسان مال جي حرص ۾ حرام ۽ حلال جي تميز نہ ڪندو آهي، پنهنجي قيمتي وقت کي مال حاصِل ڪرڻ ۾ ئي خَرچ ڪندو آهي، ۽ وري عزّت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ اهڙا ڪم بہ ڪندو آهي جيڪي بلڪل خلافِ اسلام هجن، جيئن اڄ مِيمبريا وَزارت چاهڻ وارن کي ڏٺو ويندو آهي. (مرآة المناجيح،۱۹/۷)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! احاديثِ مبارڪ ۽ ان جي شَرْح جي روشني ۾ هي ڳالهه واضح ٿي وئي تہ حِرص جي سبب انسان جي دِين ۽ اِيمان کي طرح طرح جا خطرا لاحِق هوندا آهن ۽ هي اِيتري قدَر تباهہ ڪندڙ باطني بيماري آهي جو اِن ۾ مبُتلا ٿي ڪري انسان ڪُوڙ، ظُلم ۽ قَطعِ رَحمي (رشتي ٽوڙڻ) جهڙن ڪبيره گُناهن جو مُرتَڪب ٿي ويندو آهي، تنهنڪري عافِيت اِنهيءَ ۾ آهي تہ پنهنجو بينڪ بيلنس وڌائڻ، خزانن جو ڍير جَمع ڪرڻ، بهترين ۽ مهانگين گاڏين ۾ گهمڻ، بِين جي مِلڪِيَتون قبائڻ ۽ شان ۽ شوڪت سان رهڻ جي حِرْص رکڻ جي بجائي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان جيڪي نعمتون عطا ڪيون ويون آهن اُنهي تي قناعت ڪندي اُن جي رِضا تي راضي رهندي حرص جي گندگين کان پاڻ کي بچائڻ گهرجي تہ جيڪي خُوش نصيب ماڻهوحرص ۽ لالچ کان پنهنجو پاڻ کي پَري رکندا آهن اُن جي لاءِ ڪاميابي جي بِشارت آهي جيئن تہ سيپاري 28 سُورةُ الحشر جي آيت نمبر 9 ۾ اِرشادِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي :

وَ مَنْ یُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝ (پ ٢٨،الحشر:٩)

تَرْجَمَو ڪنزالايمان: ۽ جيڪو پنهنجي نَفْس جي لالچ کان بچايو ويو پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن.

شيخُ الحديث حضرت علّامه عبدُالمُصطَفيٰ اَعْظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: لالچ تمام ئي بُري خَصْلَت ۽ نِهايت خراب عادت آهي، الله تعاليٰ جي طرف کان بانهي کي جيڪو رِزْق نعمت ۽ مال ۽ دَولت يا جاهه (يعني عزّت) ۽ مَرتَبو مليو آهي، اُن تي راضي رهندي قناعت ڪرڻ گهرجي. ٻين جي دَولتن ۽



www.dawateislami.net

نعمتن کي ڏسي ڪري خُود بہ اُن کي حاصِل ڪرڻ جي چڪر ۾ پريشان حال رهڻ ۽ غلَط ۽ صحيح هر قسم جي منصوبا جوڙڻ ۾ ڏينهن رات لڳل رهڻ جي جذبي کي ئي حرْص ۽ لالچ سڏيو ويندو آهي، حِرْص ۽ طَمْع دَرحقيقت انسان جي هڪ پيدائشي خَصلَت آهي. (جنتي زيور،١١٠)

حديث شريف ۾ آهي تہ جيڪڏهن انسان وٽ مال جون بہ (2) وادِيون بہ هجن تہ هو ٽين وادي جي تمنّا (خواهش) ڪندو ۽ اِبنِ آدم (يعني انسان) جي پيٽ کي قبْر جي مِٽي کان سِواءِ ڪابہ شيء نہ ٿي ڀري سگهي. (مسلم ، كتاب الزكاة ، باب لوان لابن آدم واديين لابتغى ثالثاً ،ص٥٢١، رقم: ١٠٤٨)

سُبحٰنَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! توهان ڏٺو تہ سرڪارِ مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪيتري قدر جامِع اَنداز ۾ حرْص جي مُتَعَلّق اسان جي رَهنمائي فرمائي تہ انسان جو حرص ڪڏهن بہ پورو نہ ٿو ٿئي، جيڪڏهن اُن کي سَون سان ڀريل وادِيون بہ مِلي وڃن تہ تڏهن بہ اجا گهڻي جي خواهش ڪندو آهي ۽ هرگز اهو نہ سمجهندو آهي تہ بس هاڻي مونکي مال ۽ دَولت جي ضرورت ناهي چاڪاڻ تہ هي شيء تہ هن مَرِيضُ الْحِرْص (حرْص جي مريض) جي رَڳ رَڳ ۾ رت جيان سَمائجي وئي آهي، تنهنڪري وقت گُزرڻ سان گڏوگڏ اُن جي حرص ۾ ڪمي اچڻ جي بجائي وڌيڪ اِضافو ٿيندو ويندو آهي، آخرڪار وقتِ اَجَل (موت) اچي پهچندو آهي، مَوت اُن جي زندگي جو ڏِيئو وسائي ڇڏيندو آهي ۽ هڪ ئي جهٽڪي ۾ سندس خوابن جو محل ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي ويندو آهي. بي شڪ جنهن خُوش نصيب وٽ قناعت جي دَولت هوندي آهي اهو سُڪون ۽ اِطمِينان جي زندگي گذاري رهيو هوندو آهي، ان جي برعڪس جنهن جي دِل ۽ دماغ ۾ حرْص جي نَحوست گهر ڪري ويندي آهي اُن کي



www.dawateislami.net

گهڻو ڪري حياتيءَ ۾ ئي حرص جو اَنجام ڀوڳڻو پوندو آهي. اچو تہ! هڪ اهڙي بيوَقُوف ۽ حَرِيص شخص جو واقعو ٻُڌون تا جنهن کي عزّت جي دال ماني نصيب هئي پر سُني ڪاڌي جي حرص هڪ مالدار دوست جا پير چٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو،جنهن جي سبب نہ صرف اُن جي عزّتِ نفس مَجرُوح ٿي بلڪ سندس ذِلّت۽رُسوائي کي منهن بہ ڏيڻو پيو. جيئن تہ

## لالچ بُري بَلا آهي

هڪ غريب ماڻهو جا ٽي (3) پُٽ هئا، سندس جيڪا ڪجهہ دال ماني نصيب ٿيندي هئي خُود بہ کائيندو ۽ سندس ٻارن کي بہ کارائيندو هو. اُن مان هڪ پُٽ، پيءُ جي غُربت ۽ دال ماني کان ناخُوش رهندو هو جيئن تہ اُن هڪ دولتمند نوجوان سان دوستي ڪري ورتي ۽ سُنو ڪاڌو کائڻ جي لالچ ۾ اُن جي گهر اچڻ وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن انهن جي درميان ڪنهن ڳالهہ تي اَٽڪَٽ ٿي وئي. دَولتمند پنهنجي اَميري جي غُرُور ۾ اُن کي تمام گهڻو ماريو ۽ اُن جا ڏند ٽوڙي ڇڏيا. تڏهن اهو غريب دل ئي دل ۾ تَوبهہ ڪندي چوڻ لڳو تہ منهنجي پيءُ جي پيار سان ڏنل دال ماني اِن مارڪُٽ ۽ ذِلّت واري ڪاڌي کان بهتر آهي، جيڪڏهن آئون سني ڪاڌي کائڻ پيئڻ جو حِرص نہ ڪريان ها تہ اڄ ايتري مار نہ کاٺوان ها ۽ منهنجا ڏند بہ نہ ٽٽن ها.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِن حِڪايت ۾ بالخُصُوص اُن ماڻهن جي لاءِ عبرت جا بي شمار مدني گُل آهن جيڪي جائز ۽ ناجائز ۽ حرام۽ حلال جي پرواهہ نہ ڪندي مال۽ دَولت يا عزّت ۽ مَنصَب وغيره جي هَوَس ۾ پنهنجي آخرت کي داءُ تي لڳائي ڇڏيندا آهن، دَر دَر جي ٺوڪرون کائيندا ۽ پوءِ بعد ۾



www.dawateislami.net

پڇتائيندا آهن. ياد رکو! الله عَزَّوَجَلَّ جنهن جو جيترو رِزق مُقَدَّر فرمايو آهي اُن کي اهو مِلي ڪري رهندو، تنهنڪري وڌيڪ جي خَواهش رکڻ بيڪار آهي جيئن ته

هڪ ڏِوناڻي پنهنجي پاءُ کي حِرص ڪرڻ تي مَلامَت ڪندي چيو: اي منهنجا پاءُ! هڪ شيءِ کي تون ڳولي رهيو آهين ۽ هڪ شيءِ خُود توکي ڳولي رهي آهي، جيڪا شيءِ توکي ڳولي رهي آهي (يعني موت) تون اُن کان بچي نه ٿو سگهين ۽ جيڪا شيءِ تون ڳولي رهيو آهين (يعني رِزق) اهو توکي پهرين ئي حاصِل آهي. شايد تون هي سمجهين ٿو ته جيڪو (دُنيا جو) حريص هوندو آهي اُن کي سڀ ڪجھ مِلي ويندو آهي ۽ جيڪو (اِن کان) بي رَغْبتي اِختيار ڪرڻ وارو هوندو آهي اهو مَحْروم رهجي ويندو آهي (يقينن هي توهان جي تمام وڏي غلط فهمي آهي).

(اِحياء العلوم،كتاب ذم البخل...الخ،بيان ذم الحرص...الخ، ٢٩٦/٣ ملتقطاً)

واقعي اُن ڏِوناڻي جي هي ڳالھ حقيقت ئي آهي ته نه حرص جي سبب بانهي جي رِزق ۾ اِضافو ٿيندو آهي ۽ نه ئي بي رَغبَتي جي سبب ڪمي ٿيندي آهي، تنهنڪري حرص کان بچندي قناعت اِختيار ڪرڻ گهرجي ڇو جو قناعت اختيار ڪرڻ ۾ فائدو ئي فائدو آهي جڏهن ته حرص ۾ دُنيا ۽ آخرت جو خسارو ئي خسارو آهي. جيئن ته

## بَلعَم بِن باعُوراء جي بربادي جو سبب

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينه جي مطبوعہ 539 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**ملفوظاتِ اعليٰ حضرت**" جي صفحي نمبر 367 تي آهي: (بَلْعَم باعُوراء) بني اِسرائيل ۾ تمام وڏو عالِم هو. مُسْتَجابُ الدَّعوَات



www.dawateislami.net

هو (يعني اُن جي دُعا قبول ٿيندي هئي) ماڻهن اُن کي تمام گهڻو مال ڏنو تہ (حضرت سَيدُنا) موسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي لاءِ بد دُعا ڪري. خبيث لالچ ۾ اچي ويو ۽ بَد دُعا ڪرڻ چاهي، جيڪي اَلفاظ (حضرت سَيدُنا) موسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي لاءِ چوڻ ٿئي چاهيو، پنهنجي لاءِ ٿي نڪرندا ويا، الله (عَزَّوَجَلَّ) اُن کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمُونے
مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غَور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے
جو آباد تھے وہ مَحَل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ بَلعَم بن باعُوراء جيڪو پنهنجي دَور جو تمام وڏو عالِم، عابِد ۽ زاهِد هو، اِن کي اِسمِ اعظم جو بہ علم هو، هي پنهنجي جڳهہ تي ويني پنهنجي رُوحانِيت سان عرشِ اعظم کي ڏسي وٺندو هو، مُسْتَجَابُ الدَّعوَات هو يعني بارگاهِ الٰهي ۾ اُن جون دعائون مقبول ٿينديون هيون، اُن جي شاگردن جي تعداد بہ تمام گهڻي هئي. مشهور هي آهي تہ اُن جي دَرْسگاهہ ۾ علمِ دين جي شاگردن جو دَوَاتون (مَس کُپڙيون) ٻارنهن هزار (12,000) هيون پر آهہ! ايتري قدَر مقبولِ بارگاهہ هئڻ جي باوُجود مال ۽ دَولت حاصل ڪرڻ جي حِرص بَلْعَم بن باعُوراء جهڙي عابِد ۽ زاهِد کي بہ نہ ڇڏيو، حِرص جي سبب اهو بدبخت، الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن جي ناشُڪري ڪندي اُن جي پياري نبي حضرت سَيدُنا موسيٰ ڪلِيمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي خِلاف بَد دُعا ڪرڻ تي آماده (تيار) ٿي ويو، ان جي نتيجي ۾ بارگاهِ الٰهي کان ڌڪاريو ويو، اُن جون سڀ عبادتون ضائع ٿي ويون، اُن جي وِلايت سَلْب ٿي وئي ۽ ذِلّت ۽ خُواري اُن جو مُقدّر بڻجي وئي. هي حِڪايت اُنهن ماڻهن



www.dawateislami.net

جي لاءِ زبردست عبرت آهي تہ جن کي دُنيَاوي يا دِينِي مَنْصَب عهدو ملڻ جي سبب مخلوقِ خُدا ۾ عزّت، شُهرت ۽ خاص مقام ۽ مرتبو حاصِل هوندو آهي پر اهي پنهنجي رُتبي جو ناجائز فائدو حاصل ڪندا آهن ۽ شرعي حَدُن ۽ قاعدن جي خلاف ورزي ڪندي نہ صِرف خيانت جا مُرتَڪب ٿيندا آهن بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي ۽ مخلوقِ خُدا جي دل شِڪني (مايوسي) جو سبب بہ بڻجندا آهن، اهڙن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان هرگز بي خَوف نہ رهڻ گهرجي.

دَولتِ دُنیا سے بے رَغبت مجھے کر دیجئے

میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مال دار (وسائلِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو تہ! هاڻي هڪ بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جي هڪ دُنيادار شخص کي ڪيل نصيحت تي مَبْنِي هڪ سبق آموز حِڪايت ٻُڌون ۽ عبرت جا مدني گُل چونڊيون. جيئن تہ،

## حريص (حِرص ڪندڙ) شخص فڪرِ آخرت کان غافل هوندو آهي

هڪ بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جن پنهنجي هڪ دُنيادار مسلمان ڀاءُ کي نصيحت آموز خط لکيو تہ مونکي ٻُڌايو تہ توهان دُنيا جي ڪمن ۾ اَٽڪ ڪوشش ڪندي ۽ دُنيا جي ئي ڪمن ۾ لالچ ڪندا آهيو، ڇا توهان کي دُنيا ۾ اها شيءِ ملي جنهن کي توهان چاهيندا آهيو ۽ ڇا توهان جون سڀ خواهشون پُوريون ٿي ويون؟ اُن شخص جواب ڏنو: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هرگز نہ. ان بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه جن اِرشاد فرمايو: غور ڪريو! جنهن شيءِ جا



www.dawateislami.net

توهان ايتري قدَر حَرِيص آهيو جڏهن اها توهان کي نہ ملي سگهي تہ آخِرَت جنهن جي طرف توهان جو بلڪل ئي ڌيان ناهي ۽ جنهن کان توهان بي رغبتي اِختِيار ڪئي آهي، اُن جون نعمتون ڪيئن حاصِل ڪري سگهندو؟ منهنجي خيال ۾ توهان صرف ٽڏي لوهہ تي ضَرَبون (ڌڪ) هڻي رهيا آهيو. (يعني توهان هڪ بغير فائدي وارو ڪم ڪري رهيا آهيو).

(قوت القلوب ،الفصل الثامن و العشرون،ذكر المقال الاول من المراقبة،١٤٨/١)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو تہ اُن بُزرگ رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن ڪيتري پياري انداز ۾ اُن حَرِيص ۽ دُنيا دار کي نصيحت ڪندي هي مدني سوچ فراهم ڪئي تہ ڏسو! توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي رَسُول صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي راضي ڪرڻ ۽ پنهنجي قَبر ۽ آخِرَت سنوارڻ جي بجائي ڏينهن رات اِن فاني ۽ بي وفا دُنيا جي ڌوڪي ۾ مُبْتَلا ٿي ڪري فقط فاني مال ۽ عزت کي حاصل ڪرڻ جي حِرْص ۾ مَشْغُول آهيو، جڏهن تہ جيڪو دُنيا جي پويان پڄندو آهي دُنيا اُن کان اڳتي ڀڄندي آهي، جيڪو اِن دُنيا سان دل لڳائيندو آهي آخرڪار ان کي رَنج ۽ غم پهچندو آهي. وقت، صِحّت، موسم ۽ حالات جي پرواهہ نہ ڪندي اِيتري قدر ڪوشش جي باوُجود بہ جيڪڏهن تنهنجي پهچ مال ۽ دولت ۽ دُنياوي آسائشن تائين نہ ٿي سگهي تہ اُخروي نعمتن ۽ آسائشن تائين تنهنجي پهچ ڪيئن ممڪن آهي جڏهن تہ ان جي لاءِ تو ڪابہ محنت ۽ ڪوشش بہ ناهي ڪئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسان کي بہ گهرجي تہ صرف دُنيا جي فڪر ڪرڻ جي بجائي جيترو قليل (ٿورو) عرصو دُنيا ۾ رهڻو آهي، ايتري قدر دُنيا جي فڪر ڪريون ۽



www.dawateislami.net

جيترو طويل (گهڻو) عرصو قبر ۽ آخرت جو آهي ايتري قدر قبر ۽ آخرت جي فڪر ڪريون، اسان جا اَسْلاف ۽ بُزرگانِ دين دُنيا جي گهٽ ۽ آخرت جي وڌيڪ فڪر ڪندا هئا ۽ٻين کي بہ اِن جي ترغيب ڏياريندا هئا جيئن تہ،

## ڊگهي سَفَر جو زادِ راهہ (سامان)

حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضرتِ سَيدُنا ابوذَر غِفَاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن ڪعبي جي ويجهو ٿي ڪري سَڏ ڏنو: اي انسانو! آئون جُندب غِفاري آهيان، هيڏانهن اچو پنهنجي خيرخواهہ شَفِيق ڀاءُ جي ويجهو، جڏهن سڀ ماڻهون سندن اِرد گِرد جمع ٿي ويا تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن اُنهن کان پڇيو: هي ٻڌايو تہ جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جو سَفَر جو اِرادو هجي تہ ڇا اهو پاڻ سان زادِ راهہ (سفر لاءِ سامان) نہ ڪڻندو جيڪو سندس ڪم اچي ۽ منزلِ مَقْصُود تائين پهچائي؟ سڀني عَرض ڪيو: جي ها، ڇو نہ ، تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن (اُنهن کي دُنيا جي حِرص کان بچائڻ ۽ آخرت جي حِرص جي ترغيب ڏيارڻ جي لاءِ نصيحت ڪندي) اِرشاد فرمايو: يقينًا سَفَرِ آخرت اُن سَفر کان تمام طويل (وڏو) آهي جنهن جو توهان (هتي) اِرادو ڪريو ٿا، تنهنڪري (اُن جي لاءِ) اُهي شيون ڪڻجو جيڪي توهان کي فائدو ڏين. ماڻهن پڇيو تہ اهي ڪهڙيون شيون آهن؟ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو: عظيم مَقصدن جي لاءِ حج ڪريو، قيامت جي ڊگهي ڏينهن کي سامهون رکندي سخت گرمي ۾ روزو رکو، قبر جي وحشت کان بچڻ جي لاءِ رات جي اونداهي ۾ نَفلَ پڙهو، (اُن وڏي ڏينهن ۾ بيهڻ جو خيال ڪندي چڱي ڳالهہ ڪريو ۽ بُري ڳالهہ کان پاسو ڪريو، قيامت جي ڏُکيائي کان بچڻ جي اُمّيد تي پنهنجي مال مان صَدَقو اَدَا ڪريو، دُنيا ۾ بہ (2) مَجلِسون اِختيار ڪريو هڪ طلبِ حلال جي



www.dawateislami.net

لاءِ ۽ ڀي طلبِ آخرت جي لاءِ اِن کان علاوه ٿين مَجلس جو اِرادو نہ ڪريو ڇو جو اها فائدي جي بجائي توهان کي نُقصان پهچائيندي. اِهڙي طرح مال جا بہ حِصّا ڪريو، هڪ حِصّو پنهنجي اهل و عيال تي حلال طريقي سان خرچ ڪريو ۽ ٻيو پنهنجي آخرت جي لاءِ اڳتي وڌائي ڇڏيو (يعني صَدَقو ڪري ڇڏيو) ان کان علاوه ٽيون حِصّو نہ ڪجو جو اهو توهان کي فائدي جي بجائي نُقصان پهچائيندو. وري بُلند آواز ۾ سَڏيندي اِرشاد فرمايو: اي انسانو! حِرص (کان بچو جو اِن) ۾ توهان جي لاءِ هلاڪت آهي، توهان حرص کي ڪڏهن پُورا نہ ٿا ڪري سگهو. (صفة الصفوة،ابو ذر جُنْدُب بن جُنَادة،الجزء:۱، ۱/۳۰۱-۳۰۲، رقم: ۶۴)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪين جي حرص پيدا ڪريو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** واقعي اسان مان هر هڪ کي آخرت جو طَوِيل (ڊگهو) سَفَر درپيش آهي ۽ ڪاميابي سان منزلِ مَقْصُود تائين پهچڻ جي لاءِ سفر جي سامان جي صورت ۾ ڪثرت سان نيڪ عملن جي ضرورت آهي، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن نيڪين جو پلڙو وزني هئڻ جي لاءِ هڪ بہ نيڪي گهٽ ٿي وڃڻ صورت ۾ ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ ۽ ٻارن ٻچن مان ڪوبہ ڪم نہ ايندو، تنهن لاءِ جيڪڏهن حريص ٿيڻو آهي تہ نيڪين جو حَرِيص بنجڻ گهرجي تہ اسان جي پياري آقا، مديني واري مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ وقتًا فوقتًا آخرت سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ نيڪين جو حَرِيص بنجڻ جي ترغيب اِرشاد فرمائي آهي. اچو تہ انهي متعلق چار (4) فرامينِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻُڌون ٿا:

1. جيڪو شخص پنهنجي دُنيا سان مَحَبَّت ڪندو آهي اهو پنهنجي آخرت کي نُقْصان پهچائيندو آهي ۽ جيڪو شخص پنهنجي آخرت سان مَحَبَّت



www.dawateislami.net

ڪندو آهي اهو پنهنجي دُنيا کي نُقصان پهچائيندو آهي، بس فنا ٿيڻ واري (دُنيا) تي باقي رهڻ واري (آخرت) کي ترجيح ڏيو. (مسند امام احمد،حديث ابى موسى الاشعرى،٧/١٦٥،حديث١٩٧١٧)

2. حُبُّ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ يعني دُنيا جي مَحَبَّت هر گُناهَ جي اَصُل (جَڙ) آهي. (موسوعة لابن ابى الدنيا،كتاب ذم الدنيا،الجزء الاوّل،٢٢/٥،حديث٩)

3. يَا عَجَبًا كُلَّ الْعَجَبِ لِلْمُصَدِّقِ بِدَارِ الْخُلُوْدِ وَهُوَ يَسْعٰى لِدَارِ الْغُرُوْرِ يعني اُن شخص تي وڏو تَعَجب آهي جيڪو هميشه جي گهر (يعني آخرت) جي تَصْدِيق ڪندو آهي جڏهن تہ اهو ڌوڪي واري گهر (يعني دُنيا) جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهندو آهي. (مصنف ابن ابى شيبة، كتاب الزهد، باب ما ذكر عن نبينافى الزهد، ٨/١٣٣، حديث٦١)

4. اَحْرِصْ عَلٰى مَا يَنْفَعُكَ وَاسْتَعِنْ بِاللّٰهِ وَلَا تَعْجِزْ: يعني اُن شيءِ جي حرص ڪريو جيڪو توهان کي نفعو ڏئي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان مدد گُهرو ۽ عاجز (غافل) نہ ٿي وڃو. (مسلم،كتاب القدر،باب فى الامر بالقوة...الخ، حديث:٢٦٦٤،ص١٤٣٢)

شارحِ مُسْلِم حضرت سَيدُنا علّامه شَرَفُ الدِّين نَوَوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِن آخري حديثِ پاڪ جي تَحت لکن ٿا: يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ خُوب حرْص ڪريو ۽ اِن تي اِنعام جي لالچ رکو پر اِن عبادت ۾ بہ پنهنجي ڪوشش تي پَروَسو ڪرڻ جي بجائي اللّٰه تعاليٰ کان مدد گُهرو. (شرح نووى،باب الايمان للقدر و الاذعان لہ،الجزء:١٦، ٨/٢١٥ملخصاً)

مُفَسِّرِ شَهِير، حَڪِيمُ الاُمَّت مُفتي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ دُنياوي شين ۾ قَناعت ۽ صبْر سنو آهي پر آخِرَت جي شين ۾ حِرْص ۽ بي صَبْري اعليٰ آهي، دِين جي ڪنهن دَرَجي تي پهچي ڪري قناعت نہ ڪريو اڳيان وڌڻ جي ڪوشش ڪريو. (مرآة المناجيح،٧/١١٢)



www.dawateislami.net

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! معلوم ٿيو ته هر حِرص قَبِيح (بُرو) ناهي بلڪ جيڪو حرِص آخِرَت سان لڳاپيل معاملن تي مَبْنِي هجي اها قابلِ تعريف آهي، گڏوگڏ هي به معلوم ٿيو ته انسان ڪيترين ئي نيڪين ڪري پر نيڪين جي حرص ۾ ڪمي نه اچڻ گهرجي، البت دُنياوي مُعاملات ۾ قناعت ڪرڻ بهترين شيء آهي. اچو ته! قناعت جي تعريف ۽ اُن جي فضيلت جي باري ۾ ٻُڌون ٿا.

## قناعت جي تعريف

شيخُ الحديث حضرتِ علّامه عبدُالمُصطَفيٰ اَعْظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته انسان کي جيڪو ڪجهه خُدا (عَزَّوَجَلَّ) جي طرف کان مِلي وڃي ان تي راضي رهندي زندگي گذاريندي حرص ۽ لالچ کي ڇڏي ڏيڻ کي قناعت چوندا آهن. (جنتی زيور،ص۱۳۶بتغير قليل) جڏهن ته علّامه مِير سَيد شريف جُرجاني حَنَفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه قناعت جي تعريف بيان ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا: هِيَ السُّكُوْنُ عِنْدَ عَدَمِ الْمَاْلُوْفَاتِ يعني روزمرّه اِسْتِعْمال ٿيڻ وارين شين جي نه هئڻ تي به راضي رهڻ قناعت آهي. (التعريفات للجرجانی،باب القاف،تحت اللفظ:القناعۃ، ص۱۲۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو ته اَصل مالداري هي ناهي ته انسان وٽ گهڻو مال ۽ دولت هجي بلڪ اَصل مالداري ته هي آهي ته جيڪڏهن مال هجي پر اُن تي قناعت حاصِل هجي، چو جو مال ۽ دولت وارو شخص اهڙو مالدار آهي جو اُن کي ڪيترو ئي مال چو نه مِلي وڃي پر مزيد مال جي خواهش باقي رهندي آهي ۽ اِن مال ۾ گهٽتائي به ايندي رهندي آهي جڏهن ته قناعت ڪرڻ وارو شخص اهڙو مالدار آهي جو سندس ڪيترو ئي گهٽ مال چو نه هجي پر اهو مزيد (گهڻي) جي خواهش ناهي ڪندو گڏوگڏ قناعت جي دولت ۾ ڪمي به نه ايندي آهي، بهرحال قناعت بهترين عادت آهي ۽ جنهن کي نصيب ٿي وڃي اهو دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب آهي. اچو ته قناعت جي رغبت پنهنجي دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ انهي متعلق ڪجهه رِوايتون ٻُڌون:



www.dawateislami.net

## گهٽُو مالدار ڪير؟

حضرتِ سَيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُوَالسَّلَام جن پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عَرض ڪيو، اي الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي ٻانهن ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار ڪير آهي؟ الله عَزَّوَجَلَّ اِرشاد فرمايو: اهو شخص جيڪو منهنجي ڏنل شيءِ تي سڀ کان وڌيڪ قناعت ڪرڻ وارو آهي.(ابنِ عساکر ،موسیٰ بن عمران بن یصھر بن قاهث،۶۱/ ۱۳۹،رقم:۷۷۴۱)

## حقيقي مالداري

نبين جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: لَيۡسَ الۡغِنٰی عَنۡ کَثۡرَةِ الۡعَرَضِ، وَلٰکِنَّ الۡغِنٰی غِنَی النَّفۡسِ يعني مالداري هي ناهي تہ سازوسامان جي ڪثرت هجي بلڪ اَصل مالداري تہ دل جو مالدارهئڻ آهي.
(صحیح البخاری،کتاب الرقاق،باب الغنی غنی النفس،۴/ ۲۳۳،حدیث۶۴۴۶)

## ڪامياب مسلمان

حضرتِ سَيدُنا عبدُالله بن عَمْرو رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا فرمائن ٿا،نبي اڪرم، نُورِ مُجَسّم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ اَسۡلَمَ وَرُزِقَ کَفَافًا وَقَنَّعَهُ اللّٰهُ بِمَا اٰتَاهُ يعني بي شڪ ڪامياب ٿي ويو اهو شخص جنهن اِسلام آندو ۽ اُن کي بَقَدْرِ ڪفايت (ضرورت سارو) رزق ڏنو ويو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ اُن کي جيڪو ڪجهہ ڏنو اُن تي قناعت بہ عطا فرمائي.

(مسلم، کتاب الزکاۃ، باب فی الکفاف والقناعۃ، ص۵۲۴، حدیث: ۱۰۵۴)

## دولتِ بي زوال

رَحمتِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: اَلۡقَنَاعَةُ کَنۡزٌ لَا يَفۡنٰی يعني قناعت ڪڏهن نہ خَتم ٿيڻ وارو خزانو آهي. (الزھد الکبیر،ص۸۸،حدیث: ۱۰۴)



www.dawateislami.net

## دُعاءِ رَسُول

حضرتِ سَيدُنا ابُوهُريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مَروِي آهي تہ تاجدارِ رِسالت، شَهَنْشاهِ نُبوّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دُعا ڪئي: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ رِزْقَ اٰلِ مُحَمَّدٍ قُوْتًا يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي آل کي صرف ضرورت جي مُطابق رِزق عطا فرماءِ. (مسلم، کتاب الزکاة، باب فی الکفاف والقناعة، ص۵۲۴، الحديث:۱۰۵۴)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل رِوَايتن ۾ اُن ماڻهن جي لاءِ دلاسو آهي جيڪي قليل وسيلن ۽ گهٽ آمدني تي روئڻ جي بجائي بقدرِ ضرورت رِزق ۽ مال تي قناعت ڪندي الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي راضي رهندا آهن ۽ زبان تي ڏک ۽ غم جي شڪايت آڻڻ کان بچندا آهن. يقينًا هي سڀ انهي قناعت جي هميشہ واري خزاني جون بَرڪتون آهن. گڏوگڏ هي بہ معلوم ٿيو تہ اسان جي پياري آقا، مديني واري مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ پنهنجي اهل و عيال جي لاءِ صرف بقدرِ ضرورت رِزق عطا ٿيڻ جي دُعا فرمائي، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ ٿورن وسيلن تي قناعت ڪري اِن جون بَرڪتون حاصِل ڪريون. اسان جا بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن وڏي قناعت ڪندڙ هئا، اُنهن جي ويجهو مال جي حيثيت ۽ اَهَميت نہ هئي جو اهو ئي سبب آهي تہ اهي حضرات الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا تي راضي رهندي نِهايت سادگي سان زِندگي گُزاريندا هئا. اچو تہ! توهان جي ترغيب ۽ تَحرِيص (حرص وڌائڻ) جي لاءِ قناعت پسندي جون بہ (2) انتهائي دلچسپ ۽ نصيحت آموز واقعا عَرض ڪريان ٿو. جيئن تہ

## هڪ ڪامِل ولي جو قناعت جو انداز

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي مطبوعہ 1548 صَفْحن تي مُشْتَمِل ڪتاب "فَيضانِ سُنّت" جِلد اَوَّل (ڀهرين) جي صَفْحَي 49 تي شيخ طرِيقت،



www.dawateislami.net

اَمِيرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: پنهنجي دؤر جي جيّد عالم حضرتِ سيّدُنا **خليل بصري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی جي خدمت ۾ ” اهواز“ کان امير (يعني حڪمران) سليمان بن علي جو خصوصي نمائندو حاضر ٿي ڪري عرض گذار ٿيو. شهزادن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ حاڪم توهان کي شاهي دربار ۾ گهرايو آهي، حضرتِ سيّدُنا **خليل بصري** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی سڪل مانيءَ جو ٽُڪر ڏيکاريندي جواب ارشاد فرمايو، ”مون وٽ جيستائين سڪل مانيءَ جو هڪ ٽڪر موجود آهي مون کي شاهي دربار جي نوڪريءَ جي ڪا ضرورت ناهي.“

## مُفتيِ دعوتِ اسلامي جي قناعت پسندي

اهڙي طرح مُفتيِ دعوتِ اسلامي، مُفتي محمد فاروق عطاري المدني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قناعت جو جذبو بہ حيرت انگيز ۽ پيروي جي لائق آهي. جامعةُ المدينہ هجي يا دارُالاِفتاء، مُفتيِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن ڪڏهن بہ اِجاري (پگهار) وڌائڻ جو مُطالَبو نہ ڪيو. مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران مدظلہ العالی جو بيان آهي تہ ڪجھ ئي وقت پهرين (يعني سندن وفات کان ڪجھ عرصو پهرين) سندن مُشاهَرو (يعني وظيفو) وڌيو هو تہ هي منهنجي گھر خود تشريف وٺي آيا. انتهائي پريشاني جي عالَم ۾ هئا. مون کي فرمائڻ لڳا تہ منهنجو اِجارو (پگهار) ڪافي وڌي وئي آهي، مون کي اِن زائد رقم جي حاجت نہ آهي، تنهنڪري مون تي مهرباني ڪئي وڃي ۽ منهنجو مُشاهَرو (يعني وظيفو) نہ وڌايو وڃي. پنهنجي اِنتقال کان ڪجھ عرصي پهرين مُفتيِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجي اسڪوٽر (موٽرسائيڪل) ۽ ليپ ٽاپ (Laptop)، ڪمپيوٽر وغيره سڀ وڪڻي ڇڏيو هو ۽ فرمايو تہ هاڻي مون کي اِن جي



www.dawateislami.net

ضرورت ناهي. اِهڙي طرح هڪ پيري جڏهن توهان ڪِرائي تي مڪان وٺڻ تي چاهيو تہ ڪنهن مَشْوَرو ڏنو تہ توهان مڪان خريد ڪري وٺو؟ تہ فرمايو تہ مُخْتَصَر زندگي آهي، ڪرائي جو مڪان ئي ڪافي آهي. (مفتي دعوت اسلامي ،ص۴۴)

سُبحٰن الله عَزَّوَجَلَّ! توهان ڏٺو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جي سوچ ڪيتري قدر اعلٰي هوندي آهي جو جيڪڏهن سندن جائز طريقي سان بہ ضرورت کان وڌيڪ مال وغيره مِلي رهيو هوندو آهي تہ پريشان ٿي ويندا آهن ۽ حتّي الاِمڪان دنيا جي مال کي پنهنجو پاڻ کان پَري رکندا آهن. اچو تہ اِنهي متعلق شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مَدَني سوچ ۽ دنيا جي مال کان بي رغبتي جي باري ۾ بہ ٻُڌون ٿا:

## اَمِيرِ اَهلسُنت جي دُنيا کان بي رَغبَتي

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت ،باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مَولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوِي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪُرتي تي سيني جي طرف بہ کِيسا هوندا آهن. مِسواڪ(ڏندڻ) شريف رکڻ جي لاءِ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي کاٻي سائيڊ (يعني دل جي طرف) واري کِيسي جي پاسي ۾ هڪ ننڍڙو کِيسو ناهرائيندا آهن. اِن جو سبب پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن هي اِرشاد فر مايو تہ آئون چاهيان ٿو تہ هي سُنّت کي اَدَا ڪرڻ وارو (يعني مِسواڪ) منهنجي دل جي ويجهو رهي. اِن جي بَرعَڪس دُنيوِي دَولت کان بي رَغبَتي جو اندازو اِن ڳالھ سان لڳايو تہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ڏنو ويو آهي تہ جڏهن ڪنهن ضرورت جي وقت کِيسي ۾ رَقَم رکڻي پوندي آهي تہ ساڄي پاسي واري کِيسي ۾ رکندا آهن. اِن جي حڪمت دَريافت ڪرڻ تي فرمايائون: آئون کاٻي پاسي واري کيسي ۾رَقَم اِن لاءِ نہ



www.dawateislami.net

رڪندو آهيان جو دُنياوي دَولت دل سان لڳل رهي ۽ هي مون کي گوارا ناهي، تنهنڪري آئون ضرورت پوڻ تي رَقَم ساڄي طرف واري کِيسي ۾ ئي رکندو آهيان. (فکرِ مدينه،ص۱۲۱)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ اسلاف ۽ بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جي نقشِ قدَم تي هلندي غير ضروري مال جو خيال پنهنجي دل مان ڪڍي ڪري قناعت جي دولتِ لازوال سان خُود کي مالا مال ڪريون، يقين ڪريو تہ جيڪڏهن قناعت جي دولت اسان کي نصيب ٿي وئي تہ مال جي حرص جي آفت کان خُود بخُود نجات حاصِل ٿي ويندي.

## ڪتاب”حِرص“ جو تعارف

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينه جي ڪتاب بنام”حِرْص“ شائع ٿي آهي، جنهن ۾ حِرص ۽ قناعت جي مُتَعَلّق انتهائي اَنمول مَعْلومات فراهم ڪئي وئي آهي مثلاً: حِرص ڇا کي چوندا آهن؟ حِرْص ڪهڙي ڪهڙي شيءِ ۾ ٿي سگهي ٿو؟ اِن جا ڪيترا قسم آهن؟ اسان کي ڪهڙين شين جو حِرص رکڻ گهرجي؟ ڪهڙين شين جو حِرص دُنيا ۽ آخرت جي لاءِ نُقصان ده آهي؟ اهڙي حِرص کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو؟ مال جو حِرص ڪڏهن سُنو آهي ۽ ڪنهن صورت ۾ بُرو آهي؟ اِن سان گڏوگڏ قناعت جي فضيلتون ۽ بَرَڪتون ۽ قناعت جي مُتَعَلِق بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جا واقعات بہ ان ڪتاب ۾ موجود آهن، تنهنڪري تمام اسلامي ڀائرن کي مدني اِلتجا آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ کان ان ڪتاب کي هَدِيةً حاصِل ڪري نہ صِرْف خُود ان جو مُطالَعَو



www.dawateislami.net

ڪريو بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. ان ڪتاب کي **دعوتِ اسلامي** جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net جي ذريعي رِيڊ (يعني پڙهيو) بہ وڃي سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## بَيان جو خُلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بَيان ۾ اسان حِرص جا نُقْصانات ۽ قناعت جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌو جنهن مان معلوم ٿيو تہ حِرص انسان کي انڌو ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن شخص جي دل ۾ حِرص جي بيماري پيدا ٿي وڃي، جڻ تہ اُن جي اکين تي لالچ جي پٽي ٻَڌجي ويندي آهي، اُن کي پنهنجي نفعي ۽ نُقصان جي سڃاڻپ نہ هوندي آهي، اهو رات ڏينهن مال ۽ دولت جمع ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو آهي، مال جي لالچ اُن کي مالدارن جي اڳيان جهڪڻ، اُن جو غُلام بنجڻ ۽ مال حاصل ڪرڻ جا ناجائز ذريعا اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي ايستائين جو حِرص ۽ لالچ جي بُري خصلت، لالچي ماڻهو کي بي حِس، بي رَحْم ۽ ظالم ۽ جفاڪار بڻائي ڇڏيندي آهي، مال حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهو پنهنجن ۽پراون ڪنهن جو خيال نہ ڪندو آهي، ديني اعتبار سان حِرص جي نُقْصان جو اندازو اِن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ بہ (2) بُکايل بگهڙ بڪرين جي ڌڻ ۾ اِيتري قدَر نُقصان جو سبب نہ ٿيندا جيتري قدر لالچ، انسان جي دِين جي لاءِ نُقصان جو سبب ٿيندي آهي، تنهنڪري دُنيا ۽ مال جي حِرص کان بچندي قناعت اختيار ڪرڻ گهرجي ڇوجو دُنياوي مال تہ ختم ٿي ويندو آهي پر قَناعَت جيڪا حقيقي دولت آهي ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي آهي، حديثِ پاڪ جي روشني ۾ ڪامياب شخص اُهو آهي جنهن اسلام آندو ۽ الله



www.dawateislami.net

عَزَّوَجَلَّ اُن کي بقدرِ ضرورت رِزق عطا فرمايو اُن تي صبر ۽ قناعت ڪرڻ جي توفيق بَخشي، خُود اسان جي پياري آقا، مڪّي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن بہ پنهنجي اهلِ بيتِ اَطهار رِضۡوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن جي لاءِ بقدرِ ضرورت رِزق جي ئي دُعا فرمائي، اسان جا بُزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن بہ غير ضروري مال کان بچندي ۽ جيڪو ڪجهہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان مِلي ويندو اُن تي صبر ۽ شڪر ڪندي زندگي گُذاريندا هئا، البت اهي نيڪ هستيون نيڪين جي معاملي ۾ دُنياوي حَرِيص کان بہ وڌيڪ حَرِيص هوندا هئا. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ حِرص جي تباه ڪارين کان مَحفُوظ فرمائي ۽ بُزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡهِمۡ اَجۡمَعِيۡن جي نقشِ قدم تي هلندي دُنياوي مُعامَلن ۾ قناعت ۽ اُخروي مُعامَلن ۾ حِرص کان ڪم وٺڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دارُ الاِفتا اَهلِ سُنت جو قِيام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مال ۽ دولت جي حِرص کان بچڻ، نيڪين جي حِرص پنهنجي دل ۾ پيدا ڪرڻ ۽ دِين جو خُوب خُوب مدني ڪم ڪرڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** تادمِ تحرير 97 شُعبہ جات ۾ دِين جو ڪم ڪري رهي آهي، اِن مان هڪ شعبو "دارالافتاء اهلسنّت" بہ آهي. دورِ جديد ۾ مُسلمانن جي مختلف زندگي جي شُعبن ۾ آئي ڏينهن اهڙا سَوين نوان نوان مسئلا سامهون ايندا رهندا آهن جن جي حَل جي لاءِ بيدار مَغز ۽ اَعليٰ عِلمي صلاحيت رکڻ وارن مفتيانِ ڪرام ڪَثَّرَهُمُ اللّٰہ تَعَالٰی جي بارگاه ۾ رُجوع ڪرڻ بيحد ضروري آهي، تنهنڪري وقت جي ضرورت جي پيشِ نظر شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کي **دعوتِ اسلامي** جي تحت دارالافتاء اهلسنّت قائم ڪرڻ جي



www.dawateislami.net

شديد خواهش ٿي، جنهن جو اِظهار هڪ پيري پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن هن طرح فرمايو” تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان 12 دارالافتاء کوليندا سين. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هي خواب 15 **شعبان المعظم** 1421ھ ۾ ان وَقت پورو ٿيو جڏهن جامع مسجد ڪنزُالايمان، بابري چوڪ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، **دعوتِ اسلامي** جي تحت دارُ الافتاء اهلسنَّت جو آغاز ٿيو. تادمِ تحرير دارُالاِفتاء کان مُتَعَلّق ڪم و بيش 42 عُلماءِ ڪرام، جن ۾ مُصَدّق ۽ مُفتي بہ آهن، نائب مفتي ۽ مُتَخَصِص بہ آهن، هي مختلف شهرن ۾ پيارَي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکياري اُمّت جي شرعي رَهنمائي ۾ مصروف آهن، جن کان شرعي رهنمائي جي لاءِ نہ صرف بِالْمُشَافَهَ مُلاقات ٿي سگهي ٿي بلڪ تَحريري فتوٰي بہ حاصِل ڪري سگهجي ٿي. ان کان عِلاوه ”دارالافتاء اهلسنّت“ جي تحت ڪم ڪرڻ واري شعبي ”دارُالافتاءآن لائن“ جي عُلمائي ڪرام بہ اِنتِهائي ذِمّہ داري سان گڏ ٽيلي فون ۽ اِنٽر نيٽ تي پوري دُنيا جي مُسلمانن جي طرف کان شرعي مَسئلن جي معلومات جو حتّي الاِمڪان هٿو هٿ شرعي حَل ٻڌايا ويندا آهن دارُالافتاء آن لائن کان، اِنٽرنيٽ جي ذريعي پوري دُنيا کان هن ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) جي ذريعي سوالن جا جواب پڇي سگهجن ٿا. پوري دنيا کان شرعي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هنن نمبرن تي رابطو بہ ڪري سگهجي ٿو، نمبرنوٽ فرمائي ونو.

| | |
|---|---|
| 0300-0220113 | 0300-0220112 |
| 0300-0220115 | 0300-0220114 |

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو



www.dawateislami.net

## ٻارنهن مدني ڪمن ۾ حصو وٺو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ **دعوتِ اسلامي** جي مهڪندڙ مهڪندڙ مدني ماحول سان هردم وابستہ رهندي عِلْمِ دِين حاصِل ڪرڻ، نيڪين جي حِرص پيدا ڪرڻ، دُنيا ۽ مالِ دُنيا جي حرص کان بچڻ ۽ گُناهن کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حِصّو وٺڻ گهرجي. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪم مان **هفتيوار** هڪ مدني ڪم **هفتيوار سُنّتن ڀري اِجتِماع** ۾ شرڪت ڪرڻ بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **مُلڪ** و بيرون مُلڪ ۾ بي شُمارجڳهن تي هي اِجتِماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ بي شمار عاشقانِ رَسُول، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا و خُوشنودي جي خاطر پنهنجي مصروفيتون تَرڪ ڪري خُود بہ تشريف ڪٽي اچي اِن جون بَرڪتون حاصل ڪندا آهن ۽ ٻين اسلامي ڀائرن تي اِنفِرادي ڪوشش ڪري اُنهن کي بہ پاڻ سان گڏ اِجتِماع ۾ آڻي نيڪي جي دعوت جي ڌومون مچائيندا آهن. اِن اِجتماع ۾ تلاوت ۽ ذِڪر ۽ نعت کان عِلاوه سُنّتن ڀريو بيان بہ ٿيندو آهي جنهن جي ذريعي بہ علمِ دين حاصِل ٿيندو آهي. ياد رهي! تہ علمِ دين جي مَجلس اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پياري مَحبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسنديده مَجلس آهي، خُود نبي اَڪرم، نُورِ مُجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اَصحابِ صُفّه کي علمِ دين سيکارڻ ۾مشغول رهندا هئا گڏوگڏ هڪ ڀيري رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مسجد ۾ ٻن مجلسن جي ويجهي کان گُذريا تہ اِرشاد فرمايائون: ٻئي مجلسون سُٺيون آهن پر هڪ، ٻي کان افضل آهي، (پوءِ هڪ مَجلس جي باري ۾ اِرشاد فرمايائون تہ) هي ماڻهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان دُعا ڪندا آهن۽اُن جي طرف رَغبَت ڪندا آهن،جيڪڏهن اهو چاهي تہ اِنهن کي عطا ڪري ڇڏي ۽ چاهي تہ مَنْع ڪري ڇڏي (۽ ٻي مَجلس جي باري ۾ فرمايائون تہ) هي ماڻهو فِقهي مَسئلا ۽ عِلم



www.dawateislami.net

سڪندا آهن ۽ ٻين کي سيکاريندا آهن هي ماڻهو اَفضل آهن ۽ بي شڪ آئون مُعَلِّم بڻائي ڪري موڪليو ويو آهيان.“ پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِنهي مَجلس ۾ تشريف فرما ٿي ويا. (دارمی،باب في فضل العلم و العالم، ١١١/١ ،حديث:٣٤٩)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اڄ جي پُر فِتَن دَور ۾ تبليغ قرآن و سُنّت جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ ”**دعوتِ اسلامي**“ مختلف مُلڪن ۽ شهرن ۾ هفتيوار سُنّتن ڀريا اجتماعات جو اِنعِقاد ڪري اُمّتِ مسلِمہ کي سُنّتن ڀريو پاڪيزه مدني ماحول مُهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن کي علمِ دين جي دولت سان مالا مال ڪري رهي آهي. اِن اِجتماعات جي برڪت سان ڏينهون ڏينهن بي شُمار ماڻهون گُناهن کان تائب ٿي ڪري نيڪين جي طرف مائل ٿي رهيا آهن اچو تہ! توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ اِيمان اَفروز **مَدَني بهار** توهان جي گوش گُزار ڪريان ٿو: جيئن تہ

مليرِ(بابُ المدينه ڪراچي) جي علاقي اعظم پُوره، سبز ٽاؤن جي مقيم اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خُلاصو آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول مُيسَّر اچڻ کان پهرين منهنجي زندگي جا ڏينهن رات گُناهن ۾ گذري رهيا هئا. خُوش قسمتي سان منهنجي قسمت جو سِتارو چمڪي پيو جنهن جو سبب ڪجھ هن طرح ٿيو تہ هڪ ڏينهن آئون پنهنجي سَوٽ سان ملڻ ويس جن کي **دعوتِ اسلامي** جو مدني ماحول نصيب هو. انهن مون سان خيرخواهي ڪندي مونکي **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز فيضا نِ مدينه ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع جي نہ صرف زباني طور تي دعوت پيش ڪئي بلڪ پاڻ سان گڏ اجتماع ۾ وٺي ويا ۽ ان طرح زندگي ۾ پهريون



www.dawateislami.net

پيرو مون کي **فيضانِ مدينه** ۾ حاضري جي سعادت نصيب ٿي. **فيضانِ مدينه** جي بارونق فَضائن ۾ منهنجي دلي ڪيفيت بدلجي وئي، اُتي مون کي تمام گهڻو دِلي سُڪون مِلي رهيو هو. پُرسوز تلاوت ونعت، اِصلاح سان ڀرپُور بيان، دل کي زنده ڪرڻ وارو ذِڪر ۽ رِقّت انگيز دُعا منهنجي زِندگي ۾ مَدني اِنقلاب برپا ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي ماضي ۾ ڪيل گُناهن کان توبهه ڪئي ۽ مدني ماحول سان مُنْسَلِڪ ٿي ويس، مٿي تي سبز سبز عِمامي جو تاج سجائي ورتو ۽ پنهنجي چهري کي ڏاڙهي شريف جي نُور سان روشن ڪري ورتو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادمِ تحرير حلقه مُشاورت ۾ مدني انعامات ذِمه دار جي حيثيت سان مدني ڪمن جي ترقّي جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشڪوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سينہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# جُتي پائڻ جون سُنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو تہ! شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي ”101 مَدَني گُل“ مان جُتي پائڻ جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. پهرين ٻہ (2) فرامينِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو:

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جوتي پاتل هوندي آهي ڄڻ اهو سوار آهي (يعني تڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مسلم ص 1161 حديث 2096) ﴿2﴾ جُتي پائڻ ڪان پهرين ڇنڊي ونو تہ جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي تہ نڪري وڃي ﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ وقت پهرين کابو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي تہ ساڄي ڪان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي تہ کابي ڪان ابتدا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بخاري ج 4 ص 65 حديث 5855) ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيِّدتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4099) صدرُالشَّريعہ، بدرالطَّريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِي بهار شريعت ج 3 صفحي 422 تي فرمائن ٿا: يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي. ﴿6﴾ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو.



www.dawateislami.net

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بہار شریعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

ترے سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر      چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

## (4) ڇهلک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیۡ عِلۡمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلۡکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیۡہِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الۡھَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.

(القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.

(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُہٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.

(مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جوآسان نسخو

**غرائب القرآن** صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net